


| | National | Punjab | Sindh | NWFP | Balochistan |
|---|---|---|---|---|---|
| PPPP | 87 | 80 | 69 | 17 | 7 |
| PML-N | 67 | 104 | | 5 | |
| PML-Q | 41 | 68 | 10 | 5 | 18 |
| MQM | 19 | | 39 | | |
| ANP | 10 | | 2 | 31 | 2 |
| MMA | 6 | 2 | | 10 | 7 |
| Other | 37 | 38 | 10 | 26 | 18 |

# چونڊون 2008ع:
# نتيجا، سوال ۽ پيچيدگيون

**_ جامي چانڊيو**

سموري بي يقينيءَ، خدشن، خوف ۽ سياسي حساسيت باوجود نيٺ 18 فيبروريءَ تي ملڪ ۾ چونڊون ٿي گذريون. جيتوڻيڪ انهن چونڊن کي بہ مڪمل طور شفاف نٿو ڪوٺي سگهجي، جو ملڪ جي ڪيترن ئي علائقن ۽ خاص طور سنڌ جي وڏن شهرن توڙي ٿرپارڪر ۾ وڏي پئماني تي ڌانڌلين جا ثبوت ميڊيا تي اچي چڪا آهن پر ان باوجود مجموعي طور چونڊن جا نتيجا بهتر سامهون آيا آهن. چونڊن کان اڳ سول سوسائٽي ۽ ميڊيا حڪومت مٿان چونڊن جي شفافيت جي سوال تي ايترو دٻاءُ پيدا ڪيو هو جو حڪومت هن ڀيري وڏي پئماني تي ڌانڌليون ڪرائڻ جو سَٽُ ساري نہ سگهي. محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي نتيجي ۾ بہ حالتون اهڙيون پيدا ٿي ويون هيون، جو حڪومت وڏي پئماني تي ڌانڌليون ڪرائي نہ سگهي ها، ڇاڪاڻ تہ ٻيءَ صورت ۾ ڪنهن وڏي ۽ پُرتشدد عوامي مزاحمت جو مڪمل امڪان موجود هو.



2008ع جي چونڊن جي نتيجن هڪ دفعو وري دنيا کي نہ رڳو حيران ڪيو پر پاڪستان جي سياست جي عوامي رجحانن کي پڌر ظاهر ڪيو. چونڊن ۾ جيڪي لاڙا سامهون آيا، انهن مان ڪجهہ مکيہ هي آهن.

(1) هن ڀيري چونڊن جو وڏو بنياد مشرف هو يعني اليڪشن ۾ مشرف مخالف عوامي لاڙي وڏو ڪم ڏيکاريو. عوام مشرف سان گڏ بيٺل ڌرين کي وڏي پئماني تي رد ڪري اهو واضح ڪيو تہ جنهن مشرف کي اسٽيبلشمينٽ ۽ آمريڪا عوام تي مڙهي رکيو آهي، ان جي عوامي سطح تي ڇا صورتحال آهي؟ جيڪڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ بہ متحده کي مڪمل طور رياستي ڀنڀرائي ۽ واڪ اوور نہ ڏنو وڃي ها تہ هن ڀيري متحده جي صورتحال گهڻي مختلف هجي ها. سنڌ کي مشرف دؤر ۾ مڪمل طور ايم ڪيو ايم ۽ پي ايم ايل (ق) جي حوالي ڪيو ويو هو پر هنن چونڊن ۾ 1988ع جيان عوام هڪ دفعو وري رياست جي پاليل ۽ تاتيل خاندانن تي مشتمل پارٽيءَ جي تڏا ويڙهہ ڪري ثابت ڪيو تہ اهي خاندان ۽ سندن پارٽيون هيٺ عوامي سطح تي ڪيترو وزن رکن ٿيون.

(2) هنن چونڊن ۾ هڪ دفعو وري سياسي ووٽ بحال ٿيو آهي. 1988ع ۾ سنڌ ۾ عوام سياسي ووٽ ڏئي وڏن وڏن خاندانن جا سياسي پٽڪا ڌوڙ ڪري ڇڏيا هئا پر پوءِ هڪ طرف سياسي پارٽين عوام کي نڏڪو ڪري مايوس ڪيو تہ ٻئي طرف اسٽيبلشمينٽ وڏي رٿابنديءَ سان خانداني ۽ برادرين جي سياست کي زور وٺرايو. مشرف جي دؤر ۾ تہ خاص طور ان کي تمام سگهارو ڪيو ويو. ضلعي حڪومتن جي نظام جو اسٽريٽجڪ مقصد بہ اهو هو تہ ضلعن کي رياست جي پاليل خاندانن کي سياسي جاگيرن طور ڏنو وڃي. هنن چونڊن ۾ هڪ دفعو وري خانداني ۽ برادريءَ واري سياست جي تڏا ويڙهہ ٿي آهي ۽ سياسي ووٽ بحال ٿيو آهي پر پ پ پ کي هن ڀيري عوام جي اها سياسي سوڀ ضايع نہ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ پ پ پ 1988ع واري عوامي طوفان جي نتيجن کي ضايع ڪري ڇڏيو هو. جي ان عرصي دوران پ پ پ پاڻ کي سنڀالي ها، تہ اسٽيبلشمينٽ لاءِ سرڪاري خاندانن کي ايئن مٿي اُڀارڻ سولو نہ هجي ها. سياسي ووٽ جي بحاليءَ واري تبديلي اڳتي ضرور وڌڻ گهرجي پر ڀنتي نہ.

(3) بينظير ڀٽو جي شهادت وقتي طور عوام جا جيءَ جهوري وڌا پر ڏٺو وڃي تہ ان غير معمولي سانحي عوام کي سياسي طور سگهہ بخشي آهي، جنهن جو اظهار عوام ڀرپور مزاحمت سان ۽ پوءِ ووٽ ذريعي ڪيو. هنن چونڊن ۾ عوام جو جوش، ٻڌي ۽ سياسي سگهہ ڏسڻ وٽان هئي. هاڻي پ پ پ ۽ ٻين سياسي پارٽين جو فرض آهي تہ اُهي عوام جي ان

ٻڌيءَ، جوش ۽ سياسي سگهہ کي هڪ process ۾ اڳتي ۽ بنيادي جدوجهد ڏانهن وٺي وڃن.

(4) 2008ع جي چونڊن ۾ عوام جي گهڻائي مذهبي ۽ انتها پسند ڌرين کي رد ڪري، پنهنجي سيڪيولر ۽ جمهوري سوچ جو اظهار ڪيو. اها ڳالهہ هاڻي ثابت ٿي وئي تہ 2002ع جي چوندن ۾ مشرف سرڪار هٿ وٺي مذهبي ڌرين کي اڳتي آندو هو تہ جيئن هو پارليامينٽ ۽ اسيمبلين ۾ سندن موجودگيءَ کي آمريڪا وٽ هڪ ڪارج طور استعمال ڪري سگهي. هن ڀيري جڏهن حڪومت وڏي پئماني تي ڏانڌليون نہ ڪرائي سگهي تہ مذهبي سياسي ڌريون پنهنجي اصل سائيز ۾ اچي ويون. منهنجي خيال ۾ گذريل 5 سال ملڪي تاريخ ۾ پهريون ۽ آخري موقعو هو جنهن ۾ ايم ايم اي جي نالي ۾ مذهبي سياسي ڌرين کي main stream سياست ۾ ايتري جاءِ ڏني وئي. ملڪي سياست مان ۽ خاص طور اليڪشني سياست مان مذهبي ڌرين جي تڏا ويڙهہ هنن چونڊن جو هڪ خاص ۽ بهتر نتيجو هو.

(5) پاڪستان ۾ وڏي زماني ۽ ڪيترن ئي مرحلن کان پوءِ ”ٻہ پارٽي سسٽم“ (Tow Party System) ٺهيو هو پر ٻنهي پارٽين هڪٻئي سان پنهنجي غير جمهوري رويي سان ۽ خاص طور پي ايم ايل (ن) پنهنجي متعصب رويي سان ان لاڙي کي نقصان رسايو. مشرف جي پوري دؤر ۾ شعوري ۽ رٿابنديءَ سان ٻہ پارٽي سرشتي کي عملي طور تباهہ ڪيو ويو پر هنن چونڊن جي نتيجن مان هڪ ڀيرو وري ٻہ پارٽي سرشتو وڏيءَ سگهہ ۽ توازن سان اُڀري آيو آهي. هنن چونڊن جي نتيجن هڪ ڀيرو وري ٻنهي وڏين پارٽين کي موقعو فراهم ڪيو آهي، تہ اُهي ماضيءَ جي سنگين غلطين مان سکي هڪ بهتر جمهوري ڪلچر ۽ رويي جو مظاهرو ڪن. ”چارٽر آف ڊيموڪريسي“ تي سنجيدگيءَ سان عمل ان ڪلچر جو بنياد ثابت ٿي سگهي ٿو.

(4) 2008ع جي چونڊن ۾ صوبن ۾ مختلف نتيجن هڪ نئين رجحان جو اظهار پڻ ڪيو آهي. اهو لاڙو اليڪشني سياست ۾ صوبن جي قومي مفاد کي اوليت ڏيڻ جو بہ آهي. پ پ پ کي سنڌ ۾ ان ڪري بہ ووٽ وڌيڪ مليا، جو عوام ان کي اليڪشني سياست ۾ سنڌين جي واحد نمائنده جماعت طور ٿي ڏٺو. سنڌي ماڻهن مشرف جي پوري دؤر ۾ ڏٺو تہ جيڪڏهن سنڌين جي ڪا پارٽي سنڌ اسيمبليءَ ۾ واقعي اڪثريت ۾ نہ ٿي اچي، تہ پوءِ اقليتي حڪومتون سنڌي عوام سان ڇا ٿيون ڪن؟ هن دفعي سنڌي عوام جي پ پ پ کي وڏي موٽ ۾ سنڌين جو قومي جذبو وڏيءَ حد تائين شامل هو بلڪ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت ۽ سنڌين جو قومي جذبو ئي اُهي ٻہ فيصلہ ڪن سبب ۽ محرڪ هئا، جن پ



پ پ کي سنڌ ۾ قطعي اڪثريت ۾ ڪٽايو. پنجاب ۾ مسلم ليگ (ن) جي وڏي ڪاميابيءَ ماڻهن کي حيران ڪيو آهي پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ ان پٺيان بہ پنجاب جي عوام جو قومي جذبو محرڪ طور ڪم آيو. مسلم ليگ (ن) نالي ۾ وفاقي پارٽي آهي پر حقيقت ۾ اُها پنجاب جي پارٽي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ ڪو اثرائتو وجود نہ آهي. منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ پنجاب ۾ مسلم ليگ (ن) جي وڏي ڪاميابيءَ جو وڏو سبب پنجاب جي عوام جو قومي جذبو هو، جو هو ان پارٽيءَ کي پنجاب جي نمائنده پارٽي سمجهن ٿا. خاص طور صوبائي اسيمبليءَ جي نتيجن مان ان رويي ۽ لاڙي کي ڏسي ۽ پروڙي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح سرحد ۾ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي اڪثريتي ڪاميابي ان ڳالهہ جو ثبوت آهي، تہ سرحد ۾ پڻ ووٽ قومي مفاد ۽ جذبي تحت پيو آهي.

عوامي نيشنل پارٽي سرحد ۾ نعپ کان پوءِ پهريون دفعو پنهنجي حڪومت ٺاهيندي. گهڻا امڪان ان ڳالهہ جا آهن، تہ نہ رڳو عوامي نيشنل پارٽي هن ڀيري پنهنجي صوبي ۽ پشتون مفاد کي رٿابنديءَ سان سگهارو ڪندي پر صوبي جو نالو پڻ تبديل ڪري پشتون خواه رکيو ويندو. جيڪڏهن اي پي ڊي ايم چونڊن جو بائيڪاٽ نہ ڪري ها تہ هن دفعي بلوچستان ۾ يقيني طور بي اين پي ۽ نيشنل پارٽي گڏجي صوبائي حڪومت ٺاهين ها. ڇاڪاڻ تہ اڪبر بگٽيءَ ۽ بالاچ مريءَ جي شهادت توڙي بلوچستان ۾ مسلسل هلندڙ آپريشن جي ڪري بلوچ عوام جو اڪثريتي ووٽ ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو ڪوبہ امڪان نہ هو. نظر اهو پيو اچي تہ اي پي ڊي ايم پنهنجي اليڪشن جي بائيڪاٽ کي عوامي سطح تي اثرائتو نہ بڻائي سگهي پر ماڳهين ان سان بلوچستان جو وڏو سياسي نقصان ٿيو. نہ رڳو اهو پر هن ڀيري بلوچستان واحد صوبو هوندو جتي مشرف جي من پسند پي ايم ايل (ق) جي صوبائي حڪومت نهندي.

سياست ۾ اُصولن ۽ قدرن سان گڏوگڏ نتيجن کي بہ اڳواٽ ضرور ڏسڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪن مخصوص حالتن ۾ اُصولن، قدرن ۽ بهتر امڪاني نتيجن ۾ تضاد اُڀري اچي، تہ پوءِ اسٽريٽجڪ اهميت نتيجن کي ڏيڻ گهرجي. ان حوالي سان اي پي ڊي ايم جي اليڪشني بائيڪاٽ جي حڪمت عملي اثرائتي ثابت نہ ٿي. نہ رڳو اهو پر جيڪڏهن هن ڀيري بلوچستان ۾ قومپرست بلوچ حڪومت ٺهي ها تہ اها نہ رڳو بلوچستان جي عوام کي رليف ڏئي ها پر اُها مرڪز ۾ بہ پ پ پ ۽ پي ايم ايل (ن) سان حڪومتي جوڙجڪ ۾ ڏي وٺ ڪري بلوچستان مٿان مسلسل هلندڙ آپريشن جي تلوار کي هٽائي سگهي ها.

اهي تہ هئا 2008ع جي چونڊن جي نتيجن مان اُڀريل لاڙا پر هنن چونڊن کانپوءِ ڪيترائي سوال ۽ سياسي پيچيدگيون بہ اُڀري آيون آهن ۽ هاڻي ڏسجي تہ ايندڙ

حڪومت ٺاهيندڙ سياسي پارٽيون ان حوالي سان پنهنجا تضاد ڪيئن ٽيون گهٽائن ۽ پيچيدگين جا حل عوامي مفاد مطابق ڳولين. اهڙن سوالن ۽ پيچيدگين مان اهم ترين معاملا هيٺيان آهن.

(1) نئين حڪومت لاءِ وڏي ۾ وڏو چئلينج پرويز مشرف بابت انهن جو رويو هوندو، ڇاڪاڻ ته هن دفعي عوام مشرف جي اتحادي ڌرين کي رد ڪندي دراصل سڌيءَ ريت مشرف کي رد ڪيو آهي. هيستائين نظر اهو پيو اچي ته ايندڙ مرڪزي حڪومت پ پ پ، پي ايم ايل (ن) ۽ عوامي نيشنل پارٽي گڏجي ٺاهينديون پر ساڳئي وقت مشرف جي سوال تي پ پ پ ۽ نواز ليگ وچ ۾ وڏو اختلاف ۽ تضاد پڻ موجود آهي، ڇاڪاڻ ته نوازشريف چونڊن کان اڳ ئي مشرف سان گڏجي ڪم نه ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪو هو ۽ پ پ پ مشرف بابت ڪا به واضح پاليسي اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿي اچي. ٻئي طرف هاڻي جڏهن آمريڪي ۽ برطانوي سفيرن آصف علي زرداريءَ سان ملاقات ڪري پ پ پ کي مشرف سان گڏ هلڻ جي حڪمنامي جهڙي صلاح ڏني آهي ته پوءِ ان ڳالهه جا امڪان بنهه گهٽ نظر اچن ٿا ته پ پ پ مشرف مان جان ڇڏائڻ لاءِ ڪو ڇٽو مؤقف اختيار ڪندي يا گهربل ڪردار ادا ڪندي. ان ڪري هڪ طرف پ پ پ ۽ نواز ليگ جي سياسي مجبوري آهي ته هو مرڪز ۾ گڏجي حڪومت ٺاهين ته ٻئي طرف منجهن ان بنيادي اختلاف جي نبيري جي صورتحال پڻ پيچيده نظر اچي ٿي. ها، البته پ پ پ جا اندروني ذريعا اهو چئي رهيا آهن، ته هو صدر مشرف کي هٽائڻ لاءِ آمريڪي صدر بش جي حڪومت جو مدو پورو ٿيڻ جو انتظار ڪندا ۽ امڪاني طور آمريڪا ۾ ڊيموڪريٽس جي ايندڙ حڪومت هوندي ته مشرف جي حق ۾ نظر نٿي اچي.

(2) مشرف کان پوءِ ايندڙ پارليامينٽ ۽ حڪومت لاءِ ٻيو نهايت وڏو چئلينج معطل ججن جي بحالي آهي. هڪ طرف پرويز مشرف ورجائي ورجائي چئي چڪو آهي ته هو ججن کي بحال ٿيڻ ڪڏهن به نه ڏيندو ته ٻئي طرف نواز ليگ پنهنجي اليڪشن مهم ۾ ان واعدي کي اوليت تي رکيو ته هو پاور ۾ اچي هر قيمت تي ججن کي بحال ڪرائيندا. جيتوڻيڪ پ پ پ ججن جي بحاليءَ جي اشو تي ڪو واضح مؤقف اختيار نه پئي ڪري، پر پ پ پ جو ئي هڪ اهم ترين اڳواڻ وڪيلن ۽ سول سوسائٽيءَ جي ان تحريڪ جي سرواڻي ڪري رهيو آهي ۽ ان واضح ڪيو آهي، ته جي ايندڙ پارليامينٽ ۽ حڪومت جج بحال نه ڪيا ته پوءِ طاقت جو مرڪز پارليامينٽ نه پر ملڪ جا رستا ۽ روڊ هوندا.



عوام لاءِ پڻ ججن جي بحالي ڪو ننڍو اشو ناهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عدليه اجا رڳو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ئي ڪيو هو ته ڪيس ان جي سزا ڏئي معطل ڪيو ويو. ان ڪري ايندڙ پارليامينٽ ۽ حڪومت لاءِ ججن جي بحالي هڪ اهڙو پيچيده مسئلو رهندو، جنهن کي نه ته هو آسانيءَ سان (مشرف جي موجودگيءَ ۾) حل ڪري سگهندا ۽ نه ئي وري اُن کان منهن موڙي سگهن ٿا. هاڻي ڏسجي ته جمهوريت جي بحاليءَ جي نالي ۾ ٺهندڙ حڪومت عدليه جي بحاليءَ جي بحران کي ڪيئن ٿي حل ڪري، ڇاڪاڻ ته آزاد عدليه کان سواءِ جمهوريت جي ڪا به معنيٰ ۽ وقعت ناهي.

(3) جيتوڻيڪ پ پ پ سنڌ ۾ قطعي اڪثريت سان ڪٽي آئي آهي پر پوءِ به پارٽيءَ پاران ميڊيا ۾ اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته سنڌ ۾ پ پ پ ايم ڪيو ايم سان گڏجي حڪومت ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندي. سنڌي عوام مشرف جو پورو دؤر ايم ڪيو ايم کي حڪومتي ايوانن ۾ ويهندي بدترين انداز سان ڀوڳيو آهي. ان سڄي دؤر ۾ هڪ عام سنڌي بيرزوگار نوجوان کان وٺي اعليٰ ترين ڪامورن تائين سنڌي ماڻهن متحده جي تعصب ۽ سنڌي-دشمن انتظام ڪاريءَ کي نه رڳو اکين سان ڏٺو پر ڀوڳيو آهي. ان ڪري جنهن سنڌي عوام اڪثريتي ووٽ ڏئي پ پ پ کي سنڌ ۾ وڏو مينڊيٽ ڏنو آهي، اُهو ڪڏهن به نه چاهيندو ته هن ڀيري ڪين رليف ڏيڻ بدران وري اُن ڌر کي سنڌ جي اقتدار ۾ غير ضروري طرح پاڱي پائيوار ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ايئن ئي ڪرڻو هو ته پوءِ سنڌي عوام پ پ پ کي اڪثريتي ووٽ ڇو ڏئي ها؟ جيستائين اهو سوال آهي، ته متحده کانسواءِ پ پ پ جي حڪومت کي هلڻ نه ڏنو ويندو، ته پوءِ سوال آهي ته هڪ ڌر جي ان بليڪ ميلنگ جو شڪار ڪيستائين رهبو؟ ڇا سنڌي عوام جو اهو حق نه آهي، ته اهي پنهنجي وطن (صوبي) ۾ پنهنجي حڪومت ٺاهي سگهن؟ ان بليڪ ميلنگ جو نبيرو نيٺ ته ٿيڻ گهرجي ۽ هي ان لاءِ تاريخي موقعو آهي، جڏهن پ پ پ سنڌ ۾ اڪيلي سِر به حڪومت ٺاهي سگهي ٿي ۽ متحده کي حڪومت ۾ شامل نه ڪرڻ جا سمورا جواز موجود آهن. سوال آهي ته پ پ پ انهن ٻن آپشنز مان ڪهڙي جي چونڊ ڪندي؟ جڏهن ته متحده کي سنڌ حڪومت ۾ شامل نه ڪرڻ جو اهو هرگز مطلب نه آهي ۽ نه هئڻ گهرجي ته جيڪڏهن پ پ پ اڪيلي سِر سنڌ ۾ حڪومت ٺاهندي ته پوءِ اردو ڳالهائيندڙ عوام سان ڪنهن به قسم جي تفريق ڪئي ويندي. ڪراچي ۽ حيدرآباد جون سٽي ۽ ضلعي حڪومتون ته اڳ ئي متحده وٽ آهن. جيڪڏهن پ پ پ اڪثريت ۾ هوندي گذريل سيٽ اپ ۾ حڪومت کان ٻاهر ويهي سگهي ٿي، ته پوءِ متحده مخالف ڌر ۾ ڇو نٿي ويهي سگهي؟ جڏهن هڪ اڪثريتي ڌر جي حڪومت مان ٻاهر ويهڻ باوجود حالتون امن امان

جي حوالي سان خراب نہ ٿيون، تہ پوءِ هڪ اقليتي پارٽيءَ جي مخالف ڌر ۾ ويهڻ سان حالتون ڇو خراب ٿينديون؟ سوال آهي تہ نيٺ اها بليڪ ميلنگ ۽ ان جو شڪار ٿيڻ جو سلسلو ڪيستائين هلندو؟ هن دفعي سنڌي عوام پ پ پ کي اڪثريتي مينڊيٽ ان ڪري ٿوروئي ڏنو تہ وري دهشتگردن کي مٿن مڙهيو وڃي. ان حوالي سان پ پ پ کي بليڪ ميلنگ مان نڪري جرئتمند فيصلو ڪرڻ گهرجي.

هاڻي ڏسجي تہ پ پ پ مٿين چئلينجن کي هن پيري ڪيئن ٿي منهن ڏئي؟ ۽ اها ڪيترو سمجهداريءَ، بهادريءَ ۽ ڪمٽمينٽ جو ثبوت ٿي ڏئي؟